
## شهدادڪوٽ جي شهزادي

# Princess of Shahdadkot




الطاف شيخ

Altaf Shaikh



المنعم لائبرري لاڙڪاڻو

الطاف شيخ

# شھدادڪوٽ جي شھزادي

پوني ۾ جن اھم اديبن ۽ شاعرن سان مليس، وينا شرنگي بہ انھن مان ھڪ آھي. وينا، ھند توڙي سنڌ جي ھڪ مجيل ليکڪا، سچاڻ ۽ باڪردار عورت، سماج سڌارڪ ۽ سرحدن جي لڪير جي ٻنھي پاسي وچڙيل دلين جي ميلاپ لاءِ ھڪ پُل طور سڄاتي وڃي ٿي. ھُوءَ ھڪ ئي وقت شاعره، براڊ ڪاسٽر، ڪھاڻيڪاره، مضمون نويس، مقالانگار ۽ ڪالمسٽ بہ آھي تہ سيلاني ۽ سياح پڻ. سنڌس 2002ع ۾ ڇپيل ”وايون وڻجارن جون“ نالي يورپ جو سفرنامو، خاص ڪري اسپين جو سفر جتي وينا جا بہ پائر اشوڪ ڪمار ۽ ڪانتيش ڪمار رھن ٿا، پڙھندڙن کي بيحد پسند آيو. وينا جا مختلف سبجيڪٽن تي ڪيترا ئي ڪتاب ڇپجي چڪا آھن، جن منجھان ڪجھ ھن ريت آھن:

- ڪيئن وساريان ويڙھيچن (يادگيريون)
- منھنجي پيشي جا گل و خار (مضمون)
- پکا ۽ پنھوار، ڏني مون ڏينھن ٿيا (سنڌ جو سفرنامو)
- اڌ ڪليون اکيون (ڪھاڻيون)
- زندگي ھڪ ناٽڪ (سفرنامو)
- واسنا جو واسينگ (ڪھاڻيون)
- اجنتا جي مورت (شاعري)
- ليھ لداخ (سفرنامو)
- تون چپر تون چانءِ (مضمون)
- منھنجا معصوم سڄڻ (مونولاگ)
- ۽ ڪجھ ٻيا ڪتاب.

وينا شرنگي اڙدو ۽ ھنديءَ ۾ بہ لکندي رھي ٿي. سندس ڪيتريون ئي ڪھاڻيون، مضمون ۽ شاعري لاھور جي اڙدو رسالي ماھِ نو ۾ ۽ دھليءَ جي رسالي قومي آواز ۾ ڇپبا رھن ٿا.

وينا شرنگي ننڍي ڪنڊ جي ورھاڱي بعد، 16 فيبروري 1948ع تي پنھنجي اباڻي ڳوٺ شھدادڪوٽ ۾ مھراج گوپي ڪرشن شرنگيءَ جي گھر ۾ جنم ورتو. پاڻ بنيادي تعليم شھدادڪوٽ مان حاصل ڪيائين ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪيائين. ان بعد 1971ع ڌاري انڊيا لڏي وئي، جتي سندس چاچو شنڪرلعل ۽ وڏو ڀاءُ اميش چندر رھيا ٿي. پارٽيشن کان اڳھين وينا جو ھڪ ئي ڀاءُ اميش ۽ ٻيو اشوڪ، جيڪو اڄڪلھ اسپين جي گاديءَ واري شھر ميڊرڊ ۾ رھي ٿو، پنھنجي سوٽ سياش سان گڏ ديرادون ۾ پڙھيا ٿي. اميش پھريائين دھلي ميونسپل آفيس ۾ ايڊمنسٽريٽو آفيسر ٿي رھيو ۽ آخر ۾ دھلي جي اسسٽنٽ ڪمشنر جي حيثيت ۾ رٽائرڊ ٿيو. اميش کي بہ پٽ ڏروو (چارٽرڊ اڪائونٽنٽ) ۽ يڌشتر (MBA ) آھن، جيڪي پڻ دھليءَ ۾ رھن ٿا.

اشوڪ واپس اچي سنڌ يونيورسٽيءَ مان 1961ع ۾ جيولاجي ۾ گريجوئيشن ڪئي ۽ ان بعد ڪوئيٽا ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر جي حيثيت سان ڪجهه سال نوڪري ڪئي ۽ 1964ع ۾ استعيفيٰ ڏئي لنڊن هليو ويو، جتي چارٽرڊ اڪائونٽنٽ جي ڊگري حاصل ڪيائين ۽ 1970ع تائين اتي ئي رهيو پر پوءِ بزنيس سان دلچسپي هجڻ ڪري اسپين هليو ويو، جتي سنڌس اليڪٽرونڪس جو بزنيس آهي. سنڌس زال ماريا نالي اسپيني آهي. ڪين هڪ ٻار، سوسنا نالي ڌيءَ آهي. اشوڪ سان وينا شرنگي جو ٽيون ڀاءُ ۽ وينا کان ٻه سال ننڍو ڪانتيش به اسپين ۾ رهي بزنيس ڪري ٿو. ڪانتيش به سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايڪنامڪس ۾ ايم. اي ڪئي ۽ ڪجهه سال پاپوليشن پلاننگ ۾ نوڪري به ڪئي، پر پوءِ 1974ع ۾ استعيفيٰ ڏئي ڀاءُ وٽ اسپين هليو آيو. انهن ئي ڏينهن ۾ منهنجو جهاز اسپين جي بندرگاهه بارسلونا ۾ ۽ جڳ مشهور اسپيني ٻيٽن ڪَناري آئلنڊس (Canary Islands) جي وڏي ٻيٽ ۽ بندرگاهه لاس پاماس ۾ ايندو رهيو ٿي، جتي جو احوال آءٌ پنهنجن شروعاتي سفرنامن ۾ ڪري چڪو آهيان، ته اسپين ۾ سنڌ جا ڪيترا ئي هندو بزنيس مين رهن ٿا ۽ هُو نه فقط ورهاڱي کان پوءِ هنن پٽن ڏي آيا، پر ان کان به اڌ صدي اڳ آيا، جن جي ستر واري ڏهاڪي ۾ ٽين جنريشن سان منهنجي ملاقات ٿيندي رهي ٿي. ڪيئناٽي جهڙن واپارين جا ته جبرالٽر ۾ به دڪان هئا، جيڪو پهرين اسپين جي قبضي ۾ هو، پر پوءِ هانگ ڪانگ وانگر هڪ وڏو عرصو انگريزن حوالي رهيو.

وينا شرنگيءَ جو ڪزن سياش، جيڪو وينا جي پائرن سان گڏ ننڍپڻ ۾ ديرادون ۾ پڙهندو هو، اهو پوءِ انڊيا ۽ يورپ جي هڪ اهم شخصيت بڻيو. سياش انڊيا مان فلسفي ۾ ايم. اي. ڪرڻ بعد جرمن ٻوليءَ ۾ ماسٽرس ڪئي ۽ هو يورپ جي مختلف يونيورسٽين ۽ ميڙاڪن ۾ هندو مَت جي فلسفي تي جرمن ۽ فرينچ ٻولين ۾ ليڪچر ڏيندو رهيو. يورپ ۾ رهي هن فرينچ زبان تي به دسترس حاصل ڪري ورتي هئي. انهن زبانن ۾ سياش جا ڪتاب به آهن. چون ٿا ته سياش جا آخري ڏينهن ڏاڍا ڏکايل گذريا. هن جو هڪ يورپي عورت سان عشق ٿي پيو، جنهن جو انت خير خوشيءَ بدران ناڪاميءَ جي صورت ٿي ۽ سياش آهستي آهستي ڊپريشن ۽ تنهائيءَ جو شڪار ٿيندو ويو. ڪيس پوءِ دهلي وٺي آيا، جتي سال 2002ع ۾ سنڌس ديهانت ٿيو.

سياش جو پيءُ يعني وينا جو چاچو شنڪر لعل شهدادڪوٽ ۾ ئي رهيو ۽ شهدادڪوٽ جو پهريون وڪيل هو. دراصل شهدادڪوٽ کي ناهڻ ۾ وينا شرنگيءَ جي پيءُ مهراج گوپي ڪرشن جو وڏو هٿ آهي. پاڻ شهدادڪوٽ جو پهريون گريجوئيٽ آهي. هن شهدادڪوٽ جي ميونسپالٽيءَ جو بنياد رکيو، جنهن جو پاڻ پهريون صدر ٿيو. سنڌس جنم به هن ئي شهر ۾ 1910ع ۾ ٿيو ۽ اها گهٽي نمبر 1803/99 اڄ مهراج گوپي ڪرشن محلا جي نالي سان سڏجي ٿي. وينا جي ڏاڏي مهراج رامچند شرنگيءَ کي تعليم جو وڏو اونو هو. هن وينا جي پيءُ کي پرائمري تعليم شهدادڪوٽ مان ڏيارڻ سان گڏ پاڻ گهر ۾ ڪيس گرمکي ۽ هندي لکڻ پڙهڻ سيکاري ۽ پوءِ 1936ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ موڪليائينس.

وينا جي پيءُ مهراج گوپي ڪرشن کي سياسي، سماجي ۽ تعليمي ڪمن سان وڏي دلچسپي هئي. هن مولانا محمد علي جوهر ۽ مولانا شوڪت علي جوهر جهڙن کي شهدادڪوٽ گهرايو. مهراج گوپي ڪرشن، سوڀي گيانچنداڻيءَ سان گڏ Law پڙهيو. 1965ع واري جنگ دوران شيخ اياز، سوڀي گيانچنداڻيءَ سان گڏ ٽيون مهراج گوپي ڪرشن هيو، جيڪو به ٽي مهينا کن سکر جي سينٽرل جيل ۾ رهيو. مهراج جي زندگيءَ ۽ سنڌس سماجي خدمتن بابت احوال ميونسپل ايمپلائيز يونين لاڙڪاڻي طرفان "لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو" ۾ ڏنل آهي. هي ڪتاب 800 کن صفحن جو آهي ۽ 1984ع ۾ ڇپيو آهي. ان کان علاوه "شاداب شهدادڪوٽ" ڪتاب ۾ به مهراج جي خدمتن جو احوال آهي، جيڪو لاڙڪاڻي جي ايڊيشنل سيشن جج اسلم شيخ جو لکيل آهي. تازو شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور مان سوشالاجي ۾ ايم. اي ڪنڌڙ شهداڪوٽ جي شيخ جاويد سنڌيءَ به پنهنجي ٿيسز ۾ مهراج گوپي ڪرشن ۽ ان جي فئملي بابت تفصيلي احوال لکيو آهي. ڊاڪٽر شيخ جاويد جي ٿيسز جو عنوان آهي:

The Social, Administrative and literary services of Maharaj Gopi Krishan for Shahdadkot, Sindh.

بهرحال ٻيون ڳالهيون پنهنجي جاءِ تي، پر وينا جي والد مهراج گوپي ڪرشن جي تعليم لاءِ چاهت تعريف جوڳي آهي. اڄ جڏهن جتي ڪٿي ڪاليج يونيورسٽيون آهن تہ بہ ڪيترائي شهرن جا ڇوڪرا بہ صحيح طرح علم خاطر تعليم نہ ٿا حاصل ڪن. مهراج، شهدادڪوٽ ۾ رهي ڪري نہ فقط پنهنجن پٽن کي پر نياڻين کي بہ تعليم جي زيور سان آراستہ ڪيو. وينا جي باقي ٻن ڀينرن پروميلا ۽ شاليني بہ شهدادڪوٽ مان ئي گريجوئيشن ڪئي ۽ اهي ٻئي دهليءَ ۾ پنهنجن مڙسن سان گڏ رهن ٿيون. شهدادڪوٽ ۾ اڄڪلهہ وينا جا فقط ٻہ ڀائر رميش لعل ۽ راجيندر رهن ٿا. ٻئي Law جا گريجوئيٽ آهن. راجيندر سان منهنجي هن مضمون لکڻ دوران ڪراچيءَ ۾ ملاقات ٿي. هن ٻڌايو تہ هن جي زال سيما انديا جي شهر جبلپور جي آهي ۽ ڪين ٻہ ڌيئون واسودا ۽ ڊڪشا آهن. واسودا دهلي يونيورسٽيءَ مان هوٽل مئنيجمينٽ ۾ گريجوئيشن ڪئي ۽ اڄڪلهہ دبئيءَ ۾ نوڪري ڪري ٿي، جتي سندس ننڍي ڀيڻ ڊڪشا امريڪن يونيورسٽيءَ مان Interior Decoration ۾ گريجوئيشن ڪري رهي آهي.

رميش شهدادڪوٽ ۾ زمينداري، بزنيس ۽ وڪالت ڪري ٿو ۽ اتي جي هندو پنچائت جو صدر بہ آهي. سندس زال ارواشي ۽ راڄ (راجيندر) جي زال سيما، ٻئي ڀينرون پڻ آهن. رميش کي سدارٿ ۽ ڪپل نالي ٻہ پٽ آهن. ڪجهہ سال اڳ اغوا جو بدنصيب واقعو رميش جي پٽ ڪپل سان ٿيو هو. هُو ڪراچي جي سٽي اسڪول ۾ پڙهيو ٿي، جتان هن کي ڳوٺ جا ئي ڇوڪرا اغوا ڪري ويا هئا، جن وٽ هُو چار مهينا کن يرغمال رهيو. هن واقعي جو ڏک هندو توڙي مسلمان برادري ۾ هڪجهڙو محسوس ڪيو ويو. ڪپل اڄڪلهہ دهليءَ ۾ پڙهي رهيو آهي.

وينا شرنگيءَ جي ناناڻي آکهہ بہ پڙهيل ڳڙهيل هئي. سندس ماءُ ستي ديوي ڪراچيءَ جي مشهور جيٺلي فئمليءَ مان هئي. وينا جو مامو واسديو جيٺلي ورهاڱي وقت سکر ۾، ايڊيشنل سيشن جج هو ۽ وڏو مامو چندرسين جيٺلي ڪراچيءَ جي سياست ۾ تمام گهڻو active رهيو. سندس ڪلاس ميٽ مشهور تعليمدان بي. ڪي. شيخ (جيڪو هندوءَ مان مسلمان ٿيو هو) پڻ هوندو هو. يوسف هارون، محمود هارون، حاتم علوي ۽ گبول صاحب سندس سياسي ساٿي هئا. ڪراچيءَ جي اولڊ ٽائون جي هڪ گهٽي ’گنگاڌر لين‘، وينا شرنگيءَ جي ڳڙ ناني (يعني سندس ناني سهج رام جيٺلي جي پتا) جي نالي سان اڄ تائين قائم آهي.

وينا شرنگيءَ جي ماءُ ستي ديويءَ نہ فقط گهر جي ڪمن ڪارين کي منهن ڏنو ۽ ٻارن کي پڙهايو، پر لوڪل سياست ۾ بہ حصو ورتو. پاڻ عورتن جي حقن ۽ ملڪ جي آزاديءَ لاءِ جاکوڙيندڙ عورتن جي تحريڪ ’ناري منڊلي‘ جي هيڊ هئي ۽ سياسي ۽ سماجي مسئلن جي حل ڪرڻ ۾ حصو ورتائين ٿي. پاڻ انگريزن جي خلاف تحريڪ Quit India (هندستان ڇڏيو) واري تحريڪ ۾ بہ ڀرپور حصو ورتائين. سمجهو تہ ستي ديوي پنهنجي وقت جي ٻي عطيہ دائود، امر سنڌو يا عرفانا ملاح هئي.